# ايم ڪيو ايم جي دهشت گردي

## دهشت گردي بند ڪريو ڪانفرنس 1989ع
## ۾ پيش ڪيل رپورٽ

(عوامي نيشنل پارٽي جي جنرل سيڪريٽري محترم رسول بخش پليجي طرفان 12 مئي 1989ع تي دهشت گردي بند ڪريو ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مختلف تنظيمن شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ ٻين رپورٽن سان گڏ هيءَ رپورٽ بہ پيش ڪئي وئي.)

## رپورٽ: ڊاڪٽر علي گل ميتلو

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

❑

2 اپريل 1985ع تي ناظم آباد ڪراچي ۾ سر سيد ڪاليج جي شاگرديا‎ڻي بشريٰ زيدي هڪ ٽريفڪ حادثي ۾ فوت ٿي وئي. ڪراچي جهڙي شهر ۾ روز ڪيترائي ٽريفڪ جا حادثا ٿيندا رهندا آهن، ڪڏهن ڊرائيورن جي لاپرواهي جي ڪري ته ڪڏهن راهگيرن جي غلطي جي ڪري. پر هن حادثي کان پوءِ ڪراچي ۾ وڏي پيماني تي پناڻن جو ڪوس ڪيو ويو. پناڻن جون سوين گاڏيون ساڙيون ويون. معصوم ٻارن کي جيئري باهه ۾ اڇلايو ويو. لاشن مٿان پيٽرول هاري باهه ڏني وئي. ڪرفيو لڳو، هفتن جا هفتا شهري زندگي مفلوج رهي. اخبارن غيرمعمولي ردعمل ڏيکاريو. سڄو الزام سمورن پناڻن تي مڙهيو ويو. انهن کي ڊرگ مافيا جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو ويو. مزي جي ڳالهه اها آهي ته جنهن مني بس هيٺان بشريٰ زيدي اچي مري وئي ان جو نه ڊرائيور پناڻ هو نه وري ڪنڊڪٽر يا مالڪ پناڻ هو.

ڇا اهو سڀڪجهه اتفاقي هو؟

ان واقعي ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙ دهشت گردي جي واقعن مان اها ڳالهه آساني سان معلوم ٿئي ٿي ته مذڪوره واقعو دهشت گردي جي سفاڪ، ظالماڻي ۽ خوفناڪ اڳواٽ رٿيل هڪ ڊگهي منصوبي جو شروعاتي ۽ پهريون قدم هو.

پاڪستان نهڻ کان اڳ به هن قسم جي دهشت گرد ٽولن هندوستان تي ٻاهرين حملي آورن جي دلال طور ڪردار پئي ادا ڪيو آهي. ۽ سدائين ڌارين حڪمرانن جي نوازشن سان نوازبا رهيا آهن. آهستي آهستي هڪ مخصوص رعايت يافته ٽولي جي شڪل اختيار ڪري ورتائون. انگريزن جي خلاف هلندڙ آزادي جي جدوجهد ۾ هنن محسوس ڪيو ته انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ جمهوري هندستان ۾ هو پنهنجيون اهي ناجائز رعايتون برقرار رکي نه سگهندا، جيڪي هنن کي صدين کان حاصل رهيون آهن. ان صورتحال ۾ هنن به قومي نظرئي ۽ نظرئي پاڪستان جي ڳالهه ڪئي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مذڪوره ٽولو مقامي رجعت پرست ٽولن ۽ عالمي سامراجي قوتن جي مدد سان هندستان کي ورهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. نئين نهيل ملڪ پاڪستان ۾ ته هن ٽولي جي ٻيگهي مڇي وئي. پاڪستان نهڻ شرط هنن کي ميدان خالي ملي ويو. ”ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ“ جي مثال

جيان هنن پئي موجون ڪيون. رڳو مولوي عبدالحق جي ذاتي تصديق تي انهن جي اٽڪل 60 هزار ماڻهن کي بهترين سرڪاري نوڪريون ڏنيون ويون. ملازمتن، پريس، اقتصاديات ۽ پرڏيهي لاڳاپن سميت ملڪ هلائڻ جي سموري ڪاروبار مٿان هنن اڇي پنهنجي هڪ هٿي قائم ڪئي. هنن ڌرتي جي اصل وارثن کي جيترو ذليل، خوار ۽ بيعزتو ڪيو ان جو ڪو حساب ڪونهي.

1972ع ۾ هن ٽولي پاران اهو محسوس ڪيو ويو ته هاڻي پاڳيا جاڳيا آهن ۽ هو هاڻي پنهنجي قائم ڪيل هڪ هٽي، بالادستي ۽ مليل Privileges وڌيڪ برقرار رکي نه سگهندا ۽ هن ملڪ جي ڌرتي جا مالڪ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ جو شعور وڌائيندا ٿا وڃن. بدليل حالتن ۾ هنن ڊرائينگ رومن، مشاعرن، محفل ميلادن ۽ حليم پارٽين ۾ زور شور سان بحث مباحثا ڪيا، ته اهڙي ٿل سل ۽ نٽڪ نڳي سٽجي جو نه رڳو موجوده Privileged صورتحال کي قائم رکجي پر انهي کي وڌيڪ مستحڪم ڪجي. ان ڏس ۾ 1978ع ۾ ” آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن“ جو بنياد وڌو ويو. گهڻي پيچ ڊڪ ڪيائون پر پرامن سياسي طريقن سان اقليتي ٽولي جي هڪ شاگرد تنظيم مقرر ڪيل ناجائز مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري نه سگهي. الطاف حسين مايوسي ۽ نراسائي ۾ ”قائد تحريڪ“ جو منصب ڇڏي وڃي امريڪا ۾ ٽيڪسي ڊرائيور بڻيو. پناهگير ڊرائينگ رومن، مشاعرن، محفل ميلادن ۽ حليم پارٽين ۾ صلاح مشورا جاري رهيا. انهن صلاح مشورن ۾ رئيس امروهوي، محمود الحق عثماني، اختر رضوي وغيره مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. 1983ع جي .M.R.D جي تحريڪ ۾ سنڌي ماڻهن جي ڀرپور شرڪت، دليري ۽ سورهيائي هنن کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو. ان پريشاني جي حالت ۾ هنن جي وري به نظر امريڪي سامراج ۽ پاڪستاني فوج تي پئي. ٽنهي کي هڪبئي جي ضرورت هئي. ٽيڪسي ڊرائيور الطاف حسين جي امريڪا ۾ دهشت گرد ٽولي جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ تربيت جي شروعات ڪئي. انٽر سروس انٽيليجنس (I.S.I) دهشت گرد ٽولي کي منظم ڪرڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو بندوبست ڪيو. رٽائرڊ ۽ ڪم ڪندڙ پناهگير ڪامورن کي دهشت گردي جي سموري پلان ٺاهڻ لاءِ مختلف ڪم ڏنا ويا. جيئن ته هي ٽولو هن ڌرتي تي اوپري هئڻ ڪري ڪوبه قانوني حق نٿو رکي. ٻيو ته سندن آبادي پوري پاڪستان جي آبادي جو اڍائي سيڪڙو مس ٿيندي، ان ڪري قانوني ۽ سياسي طريقن وسيلي هو پنهنجا ناجائز مقصد ماڻي ڪونه ٿا سگهن. هنن پنهنجي سفاڪ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ دهشت گردي جي واٽ کي منتخب ڪيو. ان ڏس ۾ هنن هڪ جامع رٿابندي مرتب

ڪئي. جيڪا ٽئڪٽيڪلي (Tactically) وڏي مهارت، قابليت، چالاڪي، هوشياري ۽ مڪاري سان جوڙي وئي، جنهن جو تفصيلي جائزو وٺڻ ڪان پوءِ ماڻهو هنن جي مڪاري ۾ مهارت کي داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي، پر حڪمت عملي جي لحاظ ڪان سندن اهو منصوبو چسائي ۽ ڪوڪلائپ جو بي مثال شاهڪار آهي. ان ڪري سندن عبرتناڪ شڪست، رسوائي ۽ ذلت ۾ ذري برابر به شڪ نٿو ڪري سگهجي.

# طريقہ واردات

دهشت گرد ٽولي جو طريقہ واردات نهايت سفاڪانہ ۽ ظالماڻو ۽ بي رحمي تي ٻڌل هوندو آهي. جنهن جو مقصد علائقي ۾ قتل و غارت گري سان گڏوگڏ دهشت پکيڙڻ ۽ مالي فائدا حاصل ڪرڻ هوندو آهي. سندن طريقہ واردات هوندو آهي تہ هو پنهنجي Masses کي دهشت گردي لاءِ استعمال ڪندا آهن. ان ڪان پوءِ انهن جي وچ ۾ پنهنجا تربيت يافتہ دهشت گرد جيڪي ظاهر ظهور ڪائونسلر، ايم پي اي، ايم اين اي ۽ ايم ڪيو ايم جا وڏا عهديدار هوندا آهن، سي دهشت گردي ڪندا آهن. ان ڪري هنن جي دهشت گردي کي Masses جو ڪوَر ۽ پناهگير عوام جي پٺ مليل هوندي آهي. هن قسم جي طريقہ واردات ۾ تربيت يافتہ دهشت گرد عام طور تي ساڳئي علائقي جا نہ هوندا آهن جيئن سڃاڻپ نہ ٿي سگهي.

طريقہ واردات جي ٻئي قسم ۾ دهشت گرد ڏهن ڏهن جي ٽولن ۾ ڪمانڊو ڪاروايون ڪندا آهن. هن عمل ذريعي چوند ماڻهن جو قتل، ڪا خاص پيچ ڊاهہ ۽ بلئڪ ميلنگ عمل ۾ ايندي آهي. هن طريقي ۾ ٻئي طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. يعني علاقي ڪان ٻاهريان ماڻهو بہ استعمال ٿيندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ علاقي جا ماڻهو نقاب پوشي ڪري ڪاروائي ڪان پوءِ ڪپڙا تبديل ڪري، واردات واري جاءِ تي بيهي، پنهنجي شريف هجڻ جي ثبوت ۾ دهشت گردن کي گاريون ڏيندا آهن.

طريقہ واردات جي ٽين قسم ۾ Snap Shooting جو طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن موجب موٽرسائيڪلن تي ٻہ ٻہ ڄڻا يا ٽي ٽي ڄڻا سوار ٿي غيرپناهگير راهگيرن کي شوٽ ڪندا ويندا آهن، انهن کي وري Cover ڪرڻ لاءِ ڪارون ۽ ٻيون موٽرسائيڪلون هونديون آهن. ٻئي طريقي موجب ڪلاشنڪوف ۽ ٽي ٽي رائيفلن سان ليس ٽي دهشت گرد وڏين وڏين عمارتن ۽ گهرن مٿان ويهي

ساڳيو ڪارنامو انجام ڏيندا آهن. هنن سيني طريقن ڪي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سرڪار ۽ پوليس جي ماڻهن جو تحفظ حاصل هوندو آهي. مٿين سطح تي دهشت گردن ۽ دهشت گردي کي سياسي تحفظ حاصل هوندو آهي.

## مظلوميت جو ڍونگ رچائڻ

”مهاجر سڀ ڪان وڌيڪ مظلوم آهن“، ”لٽي پٽي مهاجر“، ”هماري حقوق“، ”ويچارن مهاجرن جو ڇا ٿيندو“، ”پاڪستان مهاجرن جي قربانين جي ڪري ٺهيو“، ”سنڌ کو گلِ گلزار بنايا هي“ وغيره وغيره جا نعرا ۽ انهي ڏس ۾ ايڏا تہ ڪوڙا داستان ناهيا ۽ ڦهلايا ويا تہ جيئن پناهگيرن ۾ هٺ نوڪي ۽ بي بنياد مظلوميت جو احساس پيدا ڪري هنن کي سموري پاڪستان تي قبضو ڄمائڻ ۽ هڪ هٿي ۽ بالادستي قائم ڪرڻ جا سبز باغ ڏيکاري دهشت گرد ٽولي ۾ شامل ڪيو وڃي. ان ڪم ۾ پناهگير اردو پريس، مختلف سياسي پارٽين ۾ ڪم ڪندڙ پناهگيرن ۽ ٻين نام نهاد پناهگير دانشورن اهم ڪردار ادا ڪيو.

## ايم ڪيو ايم

1985ع ۾ ايم ڪيو ايم نالي فاشسٽ تنظيم ناهڻ جو اعلان ڪيو ويو. تنظيم جو ڍانچو فوجي ڍانچي جيان يونٽ، سيڪٽر ۽ زونن تي مشتمل ناهيو ويو. تنظيم ۾ سماجي طور تي ڪريل ۽ ڏڪاريل اسٽريٽ لوفرن، پيشہ ور ڏوهارين ۽ غنڊن کي داخل ڪيو ويو. ۽ آهستي آهستي ڪراچي ۽ حيدرآباد جا سمورا پيشہ ور ڏوهاري ڀرتي ڪيا ويا جيڪي پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ فحاشي، عصمت فروشي، جوا ۽ منشيات جا اڏا هلائيندا آهن. غنده گردي ۽ قتل جي ڀراٽن توڙي نون ڪيسن ۾ ملوث آهن. انهن ڊنڊيباز ڏوهارين کي ايم ڪيو ايم پنهنجي اڳواڻ صفن ۾ اهم عهدا ڏنا. انهن غنڊن ۾ لالوکيت جا ملان، رئيس، پيراڇن، فيڊرل بي ايريا جو پيرزادو عرف ببو، پريڊي جو مناف، ناظم آباد جو پوپٽ، حيدرآباد جا رشيد پيا، ڪنور نويد، سليم دانش، سليم انقلابي ۽ سهيل مشهدي وغيره، ٽنڊي الهيار جا عامر، جگنو، سليم قائم خاني، نواب اسٽارٽر ۽ ٻيا پيشہ ور ڏوهاري شامل آهن، جن تي مختلف ڏوهن ۾ گڏريل 20 سالن جا ڪيس داخل ٿيل آهن.

31 آڪٽوبر 1986ع جي سهراب ڳوٺ جي ڪوس ۾ ٽڏي تي گرفتار ٿيل 14 دهشت گردن مان 11 دهشت گردن تي 1972ع کان وٺي خون ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيس داخل ٿيل آهن. ساڳي ريت آگسٽ 1987ع ۾ فيصل ڪالوني ۾ ڪيل دهشت گردي جي وارداتن ۾ جن 71 دهشت گردن کي وارداتون ڪندي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ 34 دهشت گرد پيشہ ور ڏوهاري آهن ۽ اهڙا ڪيس مٿن گذريل ويهن سالن کان پئي داخل ٿيندا رهيا آهن. خود الطاف حسين تي دهشت گردي ۽ قتل جا 34 ڪيس داخل آهن. ايم ڪيو ايم جي هر يونٽ سطح تي اندازاً ڏهن ماڻهن تي مشتمل دهشت گردن جو هڪ دستو نهيل هوندو آهي، جيڪي پنهنجي ايريا ۾ غنده گردي ۽ قتل و غارت گري جي ڪمن لاءِ ذميوار هوندا آهن.

# ”حلف بردار“ يا ڪماندو

”حلف بردار“ اهڙن دهشت گردن کي سڏيو ويندو آهي جن کي ماڻهو مارڻ، عزتون لٽڻ، ملڪيتون ڦرڻ ۽ ساڙڻ، ماڻهن کي هيسائڻ، اغوا ڪرڻ، بئنڪون لٽڻ ۽ دهشت گردي جي ٻين ڪمن جي باقاعده تربيت مليل هوندي آهي. اهي دهشت گرد الطاف حسين جي سامهون مخصوص قسم جو قسم کڻندا آهن. اهڙن تربيت يافتہ غندن جو تعداد سَوَن ۾ آهي. حيدرآباد ۽ ڪراچي کان علاوه ٽنڊوالهيار، جيمس آباد، جهڏو، ميرپورخاص ۽ محرابپور ۾ بہ اهڙا تربيت يافتہ دهشت گرد تيار ڪيا ويا آهن جيڪي وقت بوقت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ دهشت گرد ڪاروايون ڪرڻ لاءِ گهرايا ويندا آهن. هي دهشت گرد زونل آرگنائيزرن جي ڪمان هيٺ ڪم ڪندا آهن. ۽ وقت بوقت ڪين ٻين علائقن ۾ بہ دهشت گرد ڪاروايون لاءِ موڪليو ويندو آهي جهڙوڪ: لاڙڪاڻو، سکر، نواب شاهہ، ميرپورخاص وغيره. دهشت گرد ڪاروايون کان اڳ ۾ انهن کي ڏهن کان ويهن جي ٽولن ۾ مختلف جڳهن تي گڏ ڪيو ويندو آهي. جتي هو مسلسل وي سي آر ڏسندا رهندا آهن ۽ اشاري ملڻ تي دهشت گرد ڪاروائي ڪري، واپس پنهنجن اڏن تي اچي وي سي آر ڏسندا رهندا آهن.

دهشت گردن مان اڪثر وٽ ٽي ٽي (T.T) پستول هوندا آهن. ڪجھ دهشت گردن وٽ ڪلاشنڪوف هوندي آهي. ۽ تمام گهٽ دهشت گردن وٽ اسرائيلي آٽوميٽڪ هٿيار اوزي هوندو آهي. مختلف دهشت گرد ٽولين جي ڪاروايون جي وچ ۾ رابطي لاءِ واڪي ٽاڪي، ايف ايم (F.M) ٽرانسميٽر، دوربينيون ۽ خاص دهشت

گرد ڪاروائين لاءِ انٽرڪام جو بہ بندوبست ڪيو ويندو آهي. دهشت گرد گهٽو ڪري وڏن انبوهن جي شڪل ۾ اوچتا حملا ڪندا آهن. راهہ ويندڙن کي چپ چاپ خنجر هٽي ختم ڪيو ويندو آهي. رڪشا ۽ ٽيڪسي ڊرائيورن کي ڪنهن سنسان جاءِ تي وٺي خنجر هٽي قتل ڪندا آهن.

حيدرآباد ۾ دهشت گرد پنهنجو پاڻ کي اڳ ۾ پٽائي ۽ امريڪن اسپتالن ۾ داخل ڪرائيندا آهن ۽ دهشت گرد ڪاروائي ڪري موٽي اچي اسپتال جي بسترن تي جوس ۽ آئسڪريم کائيندا آهن. حيدرآباد ۾ پڪو قلعو، سرفراز ڪالوني، ملت ڪالوني، چوٽڪي گهٽي، فقير جو پڙ ۽ لطيف آباد ۾ دهشت گردن جا اڏا موجود آهن جتي وڏي مقدار ۾ اسلحو ۽ بارود جمع ڪيل آهي. دهشت گرد ڪاروائن دوران منهن تي نقاب چاڙهڻ کان علاوه اجرڪ بہ پائيندا آهن، ۽ ڪجهہ موقعن تي سنڌي ڳالهائي سنڌين کي قتل ڪندا آهن. وارداتون ڪرڻ کان پوءِ سنهين گهٽين ۾ فرار ٿي ويندا آهن ۽ جتي سنهيون گهٽيون نہ هونديون آهن اتي روڊن تي اڳواٽ رڪاوٽون کڙيون ڪري ڇڏيندا آهن تہ جيئن پوليس انهن تائين نہ پهچي سگهي.

## دوکو Deception

31 آڪٽوبر 1986ع تي الطاف جي اڳواٽي ۾ هڪ وڏي جلوس جي شڪل ۾ سهراب ڳوٺ تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ ڪئي درجن پناڻن کي قتل ڪيو ويو. قتل ڪرڻ کان پوءِ الطاف حيدرآباد ۾ اچي هڪ وڏو جلسو ڪيو. تقرير دوران جلسي ۾ موجود سنڌين کي هن حڪم ڏنو تہ اهي اٿي بيهن، ان کان پوءِ هن چيو تہ اٿي بيٺل سنڌين جي پرسان جيڪو بہ پناهگير موجود آهي اهو سنڌي سان ڀاڪر پائي ۽ سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي جو عملي ثبوت ڏئي. سنڌين کي بيوقوف بنائڻ لاءِ هنن اهڙا ڪئي ڊراما ڪيا. چيائون پناهگير سنڌ ۾ ڄاوا آهن، سنڌ ۾ مرندا، سنڌ ۾ ڪمائن ٿا، سنڌ ۾ خرچ ڪن ٿا، نوان سنڌي آهن، اردو ڳالهائيندڙ سنڌي آهن، سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو آهن. نام نهاد سنڌي اڳواٽن کي سوکڙيون پاکڙيون، سالگراهن جا ڪيڪ، صحتيابي، عمردرازي ۽ يڪجهتي جا پيغام، اخباري قصيدا ۽ تعريفون، گلن جون ورڪائون ۽ اهڙا ٻيا انيڪ طريقا استعمال ڪندا رهيا. پنجابين کي گاريون ڏيندا رهيا. پناڻن کي ڦريندا، لٽيندا ۽ قتل ڪندا رهيا. چيائون تہ پناڻن ۽ پنجابين کان سنڌ ٿا خالي ڪرايون صرف اسان جا هي مطالبا مڃيا وڃن.

1. سنڌ بہ قومي ۽ بہ لساني صوبو آهي.

2. وزيراعليٰ سنڌي تہ گورنر پناهگير هئڻ گهرجي.
3. بهارين کي آڌي سنڌ ۾ آباد ڪيو وڃي.
4. ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو وڃي.
5. کوکرا پار بارڊر کوليو وڃي.
6. ڪراچي کي خصوصي انتظامي حيثيت ڏني وڃي وغيره.

ڏسٽا وائسٽا سنڌي سياستدان ۽ دانشور سندن انهي طلسمي ڪيل ۾ شعوري ۽ لاشعوري طور تي ساٿن گڏ رهيا. ڪن ڪين سنڌ جا دورا ڪرايا، تعليمي ادارن ۾ استقباليہ ڏنا، جلسن ۽ جلوسن ۾ سنڌي باڊي گارڊ تي بيٺا، ڪين هٿيارن جي سکيا ڏني، سندن پاران سڄي سنڌ ۾ چاڪنگ ڪئي. ”ڏاچي هٽي ڏھ توڏي هٽي تيرهن“ واري ڪار هئي. ويندي سروٽنس آف سنڌ سوسائٽي سندن چارٽر آف ڊمانڊ جي حمايت جو اعلان ڪيو. ڪن چيو تہ نوڙهي ڦاٽڪ تي شاگردن ۽ اورنگي ٽائون ۾ بهارين جو جيڪو خون وهيو آهي سو سنڌين جو خون وهيو آهي. ڪن وڃي زخمي ٿيل دهشت گردن کي خون جا عطيا ڏنا ۽ اهڙا ڦوٽا اخبارن ۾ ڇپرائي ”سرخرو“ ٿيا. ڪن وصيت ڪئي تہ پناهگير چوڪرين طرفان وڏل گلن کي سندن ڪفن سان گڏ دفن ڪيو وڃي. ڪن وري چيو تہ اردائي لک بهارين جي اچڻ سان ڪهڙو آسمان ٽٽي پوندو. ان ناٽڪ هلندي دهشت گردي پنهنجون پاڙون پختيون ڪيون، مشقون ڪيون، قتل، ڦرلٽ ۽ رهزني ۾ مهارت حاصل ڪئي. صفائي جي مهم جي هفتن ملهائڻ جي آڙ ۾ چپ چاپ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ سنڌين جي مڪمل سروي ڪئي ۽ پنهنجو اصل دهشت گردي وارو ڊرامو شروع ڪيو. 17 جون 1988ع ۽ 18 جولاءِ 1988ع تي تجرباتي طور تي حيدرآباد ۾ سنڌي ماڻهن جو ڪوس ڪيو ۽ نيٺ وڃي 30 سيپٽمبر جي رات تي اوچتو سنڌين تي ڪارو وار ڪيو ويو. ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ 300 سنڌين کي شهيد ڪيو ويو. سنڌين جي قتل عام، ڦرلٽ، لڄن لٽڻ ۽ ملڪيتن ڦرڻ جو اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

## دهشت گرد جاسوسي ڪاتو

دهشت گرد ٽولي جي جاسوسي ڪاتي جي ڄمار جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو هينئر ئي هو پنهنجن ڪارندن وسيلي جنهن جو بہ فون رڪارڊ ڪرڻ چاهن ڪري سگهن ٿا. اطلاعن موجب هو سنڌ جي وزيراعليٰ جو بہ فون رڪارڊ ڪن ٿا. دهشت گرد ٽولي رٽائرڊ انٽيليجنس آفيسرن تي ٻڌل هڪ جاسوسي

كاتو ٺاهيو آهي جيڪو سرڪار ۾ دهشت گردي جي مخالفت ڪندڙ سياسي پارٽين خلاف اڳوات اطلاع گڏ ڪري انهن جي Analysis ڪري پاليسيون مرتب ڪري ٿو ۽ ان ڪي جاسوسي سرڪاري ڪاتن، پوليس ۽ ڪاموراشاهي ۾ موجود پنهنجن ڪارندن ۽ ايجنٽن وسيلي عملي جامو پهرائي ٿو. ان جو هڪ مثال 21 مارچ تي ايس اين اي (S.N.A) پاران بهارين خلاف ٿيندڙ مظاهرو آهي. جنهن ۾ دهشت گرد جاسوسي ڪاتي جي ذريعي حڪومت ڪي ايترو تہ هيسايو ۽ ڏمڪايو جو سرڪار ان مظاهري تي 144 قلم لڳائي پابندي وڌي. ڪراچي جي پوسٽ ڪاتي ۾ اڪثريت بهاري ملازمن جي آهي. جيڪي دهشت گرد جاسوسي ڪاتي جي هدايتن تي سرڪاري توڙي غيرسرڪاري پوسٽ ڪي دهشت گرد ٽولي تائين پهچائيندا آهن. دهشت گرد جاسوسي ڪاتو دهشت گرد ٽولي خلاف ٿيندڙ عملن جو اڳوات پتو لڳائي، دهشت گردن ڪي هوشيار رکندو آهي. ان ڪم ۾ ڪامورا، پوليس عملدار ۽ ٽيليفون آپريٽر ۽ اعلىٰ عملدارن جا سيڪريٽري ۽ پرسنل اسسٽنٽ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا آهن. ڪراچي جو ڪمشنر شاهد عزيز صديقي ۽ D.I.G اظهر فاروقي ان ڏس ۾ ڪافي بدنام آهن. دهشت گرد جاسوسي ڪاتي، سرڪاري جاسوسي ڪاتن، جن جو ڪم سرڪار ڪي اڳوات اطلاع فراهم ڪرڻ ۽ سازشن کان سرڪار ڪي اڳوات هوشيار ڪرڻ ۽ مناسب حل پيش ڪرڻ آهي، ڪي ايترو تہ مڏو ۽ جڏو ڪري ڇڏيو آهي، جو اهي سرڪاري جاسوسي ڪاتا خود سرڪار خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. دهشت گردن خلاف گڏ ٿيندڙ معلومات ۽ اطلاعن ڪي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي جو اهي سرڪار خلاف ئي استعمال ٿين پيا. جنهن جو تازو مثال سرڪاري جاسوسي ڪاتي جي اها رپورٽ آهي جيڪا دهشت گرد جاسوسي ڪاتي هٿ ڪري پريس ڪي جاري ڪري، سنڌ حڪومت ڪي بلئڪ ميل ڪيو.

## دهشت گردي هڪ منافع بخش ڪاروبار

دهشت گردن ڪي ايترو تہ چوٽ ڇڏيو ويو آهي جو انهن اهڙا طريقا استعمال ڪيا آهن جو دهشت گردي هڪ منافع بخش ڪاروبار بہ ٿي ويو آهي. تازو ڪراچي جي نانگن چورنگي وٽ ارم ايمپوريم نالي هڪ تمام وڏو مارڪيٽ تعمير ڪيو ويو آهي. دهشت گرد ٽولي مارڪيٽ جي چار سؤ دڪانن تي وڃي قبضو ڪيو. ان کان پوءِ مارڪيٽ جي مالڪ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري 30 لک روپيا غنده ٽيڪس وصول ڪيو، ۽ ڇيائونس تہ عيد جي خريداري جي سيزن ڪمائڻ کانپوءِ

مالڪ ڪي دڪان واپس ڪيا ويندا. ڏسجي ٿو ڪيترا دڪان واپس ڪيا ٿا وڃن. اها سموري ڪاروائي بدنام دهشت گرد مناف جي اڳواڻي ۾ ڪئي وئي. دهشت گرد چوريون، ڦرلٽ، ڌاڙا ۽ اغوا جي وارداتن جي وسيلي پئسا گڏ ڪن ٿا. جن مان ڪاروائي ڪندڙ ڪي مقرر حصو ملي ٿو باقي دهشت گرد تنظيم جي حوالي ڪيو وڃي ٿو. ان ڪان سواءِ به ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا جيڪي وقت بوقت اخبارن ۾ ڇپبا رهندا آهن. ان سموري عمل کي ”خدمت خلق ڪميٽي“ جو نالو ڏنو ويو آهي.

## دهشت گرد ٽولي وٽ يرغمال ٿيل پريس

دهشت گرد ٽولو پنهنجن سفاڪ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اخبارن، رسالن ويندي ريڊيو ۽ ٽي وي کي وڏي پيماني تي استعمال ڪندو پيو اچي. پريس ۽ نشر اشاعت جي مختلف ادارن ۾ دهشت گرد ٽولي جو ايترو ته ڄار وڇايل آهي جو انهن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ دهشت گردن جا ڪارندا ۽ ايجنٽ، انهن ادارن جي مالڪن ۽ آفيسرن جي هدايتن کي نظرانداز ڪندي دهشت گرد ٽولي جي حڪمن جي بجا آوري ڪندا آهن. دهشت گرد ٽولي اخبارن کي عملاً يرغمال ڪري ورتو آهي. جنگ ڪراچي ۽ ڊان ان جو واضح ثبوت ۽ مثال آهن. اخبارون رضا خوشي سان يا بليڪ مئلنگ جو شڪار ٿي ڪري، گڏهه کي قائد تحريڪ، دهشت گردن کي حق پرست، فسادين، قاتلن ۽ غنڊن کي مشتعل نوجوان ۽ هڪ فاشسٽ تنظيم کي سماجي انقلابي تحريڪ ڪري لکن ٿيون. ڊان جهڙي معتبر ۽ سنجيده اخبار به اڄڪلهه دهشت گردن جي گزيٽ بڻجي چڪي آهي. سنڌي اخبار عبرت جا به ڪجهه اسٽاف رپورٽر غيرسنڌي دهشت گردن جا چاڙتا آهن. دهشت گرد نه رڳو پنهنجي لاءِ اخبارن ۾ جڳهه مخصوص ڪرائن ٿا. پر ان ڳالهه جو به بندوبست ڪن ٿا ته سندن مخالفن جا بيان به اخبارن ۾ نه ڇپجن. سندن اخبارن جي پاليسين تي اثرانداز ٿيڻ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو جو اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ صحافين جون مقرريون ۽ بدليون به هنن جي مرضي موجب ڪيون وينديون آهن. ان حد تائين جو جيڪڏهن ڪو صحافي ڪنهن پريس ڪانفرنس ۾ دهشت گرد ٽولي جي اڳواڻن کان ڪو اهڙو سوال ڪري وجهندو آهي جو سندن پول پڌرا ٿيندا آهن ته هو ان صحافي کي نوڪري مان نيڪالي ڏياري ڇڏيندا آهن. دهشت گرد وقفي وقفي ڪانپوءِ اخبارن جي آفيسن تي وڃي قبضا ڪندا آهن، اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ مرد

توڙي عورتن کي مارڪٽ ڪندا آهن ته جيئن سندن اخبارن مٿان خوف ۽ هراس هروقت برقرار رهي سگهي. اهڙي هڪ ڪاروائي هنن ڊان اخبار جي خلاف ڪجهه ڏينهن اڳ ڪئي.

گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ دهشت گردي عروج تي پهتل آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ فوج ۽ نام نهاد قانون نافذ ڪندڙ ادارا سرڪاري دهشت گردي وسيلي سوين هٿين خالي بيگناهه سنڌين کي شهيد ڪيو آهي. هزارين ماڻهن کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي. روزانو لکين ماڻهن کي سموري سنڌ ۾ قائم چيڪ پوسٽن تي بيعزتو ڪيو پيو وڃي. ٻئي پاسي سنڌ جي شهرن ۾ سفاڪ دهشت گرد ٽولي قتل، اغوا، ڦر، رهزني، غنڊه گردي، اُرهه زورائي ۽ عزتن لٽڻ جي ڪاروائين وسيلي سموري شهري زندگي کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري هزارين انساني جانيون ۽ اربين روپين جو اقتصادي نقصان ٿي چڪو آهي.

سنڌ ۽ پوري ملڪ جي عوام جو اڄ اهو تاريخي فرض ٿي چڪو آهي ته دهشت گردي جي انهن ڪاروائين ۽ سندن طريقه واردات کي سموري دنيا آڏو پڌرو ڪيو وڃي ته جيئن دنيا کي اها خبر پئي ته بنگلاديش ۾ ٽيهه لک بيگناهه بنگالين جو ڪوس ڪندڙ ساڳيوئي گروهه هتي جي عوام، خاص ڪري سنڌي عوام جو ڪوس ڪرڻ چاهين ٿا.

❑

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books